# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1995
# SINDH ACT NO.VI OF 1995
# ضياءُالدين ميڊيڪل يونيورسٽي ايڪٽ، 1995
# THE ZIAUDDIN MEDICAL UNIVERSITY ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب_I

شروعاتي

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

باب _II

يونيورسٽي

3. يونيورسٽي جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the University

4. يونيورسٽي سڀني لاءِ کليل هوندي
University open to all

5. يونيورسٽي جا اختيار
Powers of the University

باب _III

يونيورسٽي جا عملدار

6. يونيورسٽي جا عملدار

Officers of the University

7. سرپرست

Patron

8. چانسيلر

Chancellor

9. دورو

Visitation

10. ريڪٽر

Rector

11. پرو چانسيلر

Pro Chancellor

12. وائيس چانسيلر

The Vice Chancellor

13. ڊينس

Deans

14. رجسٽرار

The Registrar

15. امتحانن جو ڪنٽرولر

Controller of Examinations

16. ڊائريڪٽر فنانس

Director Finance

17. يونيورسٽي جون اختياريون

Authorities of the University

18. گورننگ باڊي

The Governing Body

19. گورننگ باڊي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Governing Body
20. گورننگ باڊي جي گڏجاڻي
Meeting of the Governing Body
21. اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council
22. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council
23. اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced Studies and Research
24. سليڪشن بورڊ
The Selection Board
25. سليڪشن بورڊ جا ڪم
Functions of the Selection Board
26. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي
Finance and planning Committee
27. الحاق ڪميٽي
Affiliation Committee
28. ٻي ڪميٽي جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution functions and powers of other Committee
29. اسٽينڊنگ ڪميٽي وغيره جي مقرري
Appointment of Standing Committee etc
30. قانون
Statutes
31. ضابطا

Regulations

32. قاعدا

Rules

33. فنڊس ۽ ان جا اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Funds and its Accounts and Audit

34. ڪارروائين جي توثيق

Validity of Proceedings

35. پهريان قانون

First Statutes

36. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

37. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXIX جي منسوخي

Repeal of Sindh Act XXIX of 1994

شيڊول

پهريان قانون

1. فيڪلٽيز

Faculties

2. بورڊ آف فيڪلٽيز

Board of Faculties

3. تدريسي شعبو

Teaching Department

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1995
# SINDH ACT NO.VI OF 1995
# ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي ايڪٽ، 1995
# THE ZIAUDDIN MEDICAL UNIVERSITY ACT, 1995

[8 آڪٽوبر 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ٻيهر جوڙيو ۽ ان کي ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي طور قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ٻيهر جوڙڻ ۽ ان کي ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي طور قائم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

## باب _I
## شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. (i) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii)"الحاق ٿيل ادارو" مطلب يونيورسٽي سان الحاق ٿيل

ادارو؛

(iii) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 16 ۾ بيان ڪيل اختيارين مان ڪا ہ؛

(iv) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(v) "چيف ٽرسٽي" مطلب ڊاڪٽر ضياءُ الدين هاسپيٽل ٽرسٽ جو چيف ٽرسٽي؛

(vi) "ڊين" مطلب بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين؛

(vii) "ڊائريڪٽر" مطلب يونيورسٽي يا الحاق ٿيل اداري جي تدريسي شعبي جو سربراهہ؛

(viii) "گورننگ باڊي" مطلب يونيورسٽي جي گورننگ باڊي؛

(ix) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(x) "پي ايم ڊي سي" مطلب پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل؛

(xi) "بيان ڪيل" مطلب قانونن، ضابطن ۽ قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(xii) "پرو چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو چانسيلر؛

(xiii) "اعزازي پروفيسر" مطلب يونيورسٽي ۾ اعزازي گنجائش تي ڪم ڪندڙ پروفيسر؛

(xiv) "ريڪٽر" مطلب يونيورسٽي جو ريڪٽر؛

(xv) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا؛

(xvi) "ٽرسٽ" مطلب ڊاڪٽر ضياءُ الدين ٽرسٽ؛

(xvii) "وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر؛

(xviii) "يونيورسٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي.

## باب II_

## يونيورسٽي

يونيورسٽي جو قيامُ هيئت
Establishment and incorporation of the University

3.(1) ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ٻيهر جوڙيو ۽ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪا يونيورسٽي ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي هڪ سرپرست، چانسيلر پرو چانسيڪلر، ريڪٽر، وائيس چانسيلر، ڊينس، ڊائريڪٽرس، رجسٽرار، گورننگ باڊي جا ميمبر، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر ۽ اهڙن ٻين عملدارن تي مشتمل هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڊاڪٽر ضياءُ الدين اسپتال ۽ ان جون الحاق ٿيل اسپتالون ۽ مرڪز يونيورسٽي کي بيان ڪيل تدريسي سهولتون مهيا ڪندا.

(3) يونيورسٽي ضياءُ الدين ميڊيڪل يونيورسٽي جي نالي سان باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي طبي تعليم ڏيندڙ ادارن تي ضابطو رکڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان مٿان ڪيس تي سگهندو.

(4) سمورا فنڊس، ملڪيتون، حق، سرڪاري اجازت ناما، مالياتي اداري سان ڪاغذي ڪارروائي ۽ ڪنهن به قسم جو وياج، جيڪو استعمال ڪيو، مزو ورتو، قبضي ۾ رکيو، مالڪي هيٺ رکيو يا استعمال ۾ آندو ويو هجي ٽرسٽ جي يا ڊاڪٽر ضياءُ الدين انسٽيٽيوٽ اف ميڊيڪل سائنسز جي ۽ سموريون ذميداريون مٿي ڄاڻايل طريقي موجب جوڙيل

يونيورسٽي ڏانهن منتقل ٿي وينديون.

(5) يونيورسٽي غير منافعہ بخش بنيادن تي هلندي.

4. يونيورسٽي سمورن ماڻهن لاءِ کليل هوندي، پوءِ انهن جو تعلق ڪنهن بہ جنس، مذهب، نسل، فرقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان هجي، جيڪي لياقت جي بنياد تي يونيورسٽي طرفان آڇيل پڙهائي جي ڪورس ۾ داخلا لاءِ اهل آهن ۽ اهڙي ڪنهن بہ شخص کي فقط جنس، مذهب، فرقي، نسل، طبقي يا رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي سهولتون ڏيڻ کان انڪار نہ ڪيو ويندو.

يونيورسٽي سيني لاءِ کليل هوندي
University open to all

5. يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

يونيورسٽي جا اختيار
Powers of the University

(i) صحت ۽ لاڳاپيل سائنسز ۽ سکيا جي اهڙين شاخن ۾ هدايت، تربيت، تحقيق، نماءَ ۽ خدمت جي سهولت فراهم ڪرڻ، جيئن مناسب سمجهي ۽ اهڙيءَ ريت ڄاڻ ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ بهتري لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(ii) چونڊ، داخلا بيان ڪرڻ ۽ شاگردن جو الحاق ٿيل ادارن ۾ امتحان وٺڻ؛

(iii) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيون تعليمي سندون اهڙن ماڻهن کي ڏيڻ جن پي ايم ڊي سي، پاڪستان نرسنگ ڪائونسل يا چانسيلر طرفان منظور ڪيل شرطن تحت اهڙا امتحان پاس ڪيا هجن، جيئن معاملو هجي؛

(iv) بيان ڪيل شرطن موجب فيلوشپس، اسڪالر شپس، تعليمي لقب، ميڊلز ۽ انعام ڏيڻ؛

(v) بيان ڪيل شرطن موجب اسپتالن سميت ادارن کي

الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛

(vi)طبي ۽ لاڳاپيل تعليم جي بهتري لاءِ فيڪلٽيز ۽ تدريسي شعبا قائم ڪرڻ؛

(vii) بيان ڪيل طريقي موجب منظوري ڏنل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون ۽ ٻيا اعزاز ڏيڻ؛

(viii) پڙهايا ويندڙ ڪورسز آف اسٽڊيز بيان ڪرڻ ۽ اهڙي تحقيق ڪرڻ، جيئن اها طئي ڪري؛

(ix) ادارن جي جاچ ڪرڻ ۽ انهن کي طبي تعليم ۾ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون بهتر نموني انجام ڏيڻ لاءِ رهنمائي ڏيڻ؛

(x) تدريسي طريقو فن ۽ حڪمت عمليون طئي ڪرڻ، ان ريت جيئن تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي پروگرامن کي اثرائتو بڻائي سگهجي؛

(xi) ملڪيت، گرانٽس، وصيتون، ٽرسٽ، تحفا، عطيات، چندا ۽ يونيورسٽي کي ڪيل ٻي مدد حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ قرض ۽ امداد حاصل ڪرڻ ۽ ان کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن اها مناسب سمجهي؛

(xii) اسپتالون، مرڪز، ڪلينڪس قائم ڪرڻ ۽ مدد ڪرڻ ۽ پنهنجا اوزار بيان ڪيل شرطن موجب اهڙين اسپتالن، مرڪزن ۽ ڪلينڪس کي پڙهائي جي ترقي ۽ تحقيق ۽ تربيت جي واڌاري لاءِ عطيو ڪرڻ يا قرض تي ڏيڻ؛

(xiii) ضرورت مند، غريب ۽ مستحق ماڻهن لاءِ خيراتي بنيادن تي سمورن قسمن جي سرجيڪل ۽ علاج لاءِ گنجائشون جوڙڻ؛

(xiv) معاهدن، ٺيڪن، ليزنگ معاهدن ۾ داخل ٿيڻ ۽ گروي رکڻ جو انتظام ڪرڻ ۽ حڪومت، تنظيمن، ادارن، بئنڪن

بشمول ڪنهن ٻين مالياتي ادارن، باڊيز ۽ فردن جي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(xv) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xvi) مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز جا ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن گورننگ باڊي هدايتي ۽ ڪو ڪيوريڪولر سرگرمين لاءِ طئي ڪري؛

(xvii) استادن، ممتحن ۽ اسٽاف جي ميمبرن سميت اهڙا عملدار مقرر ڪرڻ ۽ انهن جا شرطن ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون بيان ڪرڻ؛

(xviii) ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ ۽ سموريون شيون، اوزار ۽ خدمتون مهيا ڪرڻ جيئن يونيورسٽي يا الحاق ٿيل ادارن يا اسٽپالن لاءِ ليٽر آف ڪريڊٽ ذريعي يا ٻي صورت ۾ ضروري هجن؛

(xix) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيئن يونيورسٽي جا وڏيڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

## باب ـ III

## يونيورسٽي جا عملدار

يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

6. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:

(i) چانسيلر؛

(ii) ريڪٽر؛

(iii) پرو چانسيلر؛

(iv) وائيس چانسيلر؛

(v) ڊينس؛

(vi) تدريسي شعبي جو ڊائريڪٽر؛

(vii) رجسٽرار،

(viii) امتحانن جو ڪنٽرولر،

(ix) ڊائريڪٽر فنانس، ۽

(x) اهڙا ماڻهو جيڪي ضابطن موجب بيان ڪيل هجن.

**سرپرست**
**Patron**

7.(1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

(2)سرپرست، جڏهن موجود هوندو، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

**چانسيلر**
**Chancellor**

8.(1)ڊاڪٽر ضياءُ الدين اسپتال ٽرسٽ جو چيف ٽرسٽي يونيورسٽي جو چانسيلر هوندو.

(2) چانسيلر بورڊ آف گورنرز جو چيئرمين ۽ يونيورسٽي جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي هوندو.

(3) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون يا ڪنهن عملدار جا حڪم هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته، اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪندو ته ڇو اهڙي ڪارروائي ختم نه ڪئي وڃي، لکت ۾ حڪم ذريعي، اهڙي ڪارروائي يا حڪم ختم ڪندو.

(4) چانسيلر کي گورننگ باڊي طرفان جمع ڪرايل قانونن جي منظوري ڏيڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(5) چانسيلر هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب پنهنجي صوابديد تي ڪنهن به اٿارٽي، عملدار يا يونيورسٽي جي ملازم جا سمورا يا ڪي به اختيار ڪنهن اٿارٽي، عملدار يا ملازم کي منتقل ڪري سگهي ٿو.

(6) چانسيلر جي اهڙيءَ طرح عمل ڪرڻ کان غير حاضري يا ٻئي سبب جي ڪري، پرو چانسيلر سندس سمورا اختيار

استعمال ڪندو ۽ چانسيلر جون سموريون ذميواريون سنڀاليندو.

دورو Visitation

9. (1) چانسيلر يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي جي سلسلي ۾ معائنو ڪري يا جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن مناسب سمجهي.

(2) چانسيلر ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ ملڻ تي قرض ڏئي سگهي ٿو ۽ اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

ريڪٽر Rector

10. (1) ريڪٽر چانسيلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جين اهو طئي ڪري ۽ اهو چانسيلر جي خوشيءَ سان عهدو رکي سگهندو.

(2) ريڪٽر اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي کيس چانسيلر طرفان سونپيا وڃن.

پرو چانسيلر Pro Chancellor

11. (1) پرو چانسيلر چانسيلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو يوندو جيئن اهو طئي ڪري ۽ اهو چانسيلر جي خوشيءَ سان عهدو رکي سگهندو.

(2)پرو چانسيلر اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي کيس چانسيلر طرفان سونپيا وڃن.

وائيس چانسيلر The Vice Chancellor

12. (1) وائيس چانسيلر چانسيلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو يوندو جيئن اهو طئي ڪري ۽ اهو چانسيلر جي خوشيءَ سان عهدو رکي سگهندو.

(2)ڪنهن بہ وقت تي جڏهن وائيس چانسيلر جو عهدو خالي هجي يا وائيس چانسيلر غير حاضر آهي يا بيماري سبب

پنهنجي آفيس جا ڪم سرانجام ڏيڻ جي لائق نہ آهي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري تہ چانسيلر وائيس چانسيلر جون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو، جيئن اهو مناسب سمجهي.

(3)وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو پرنسپال اڪيڊمڪ آفيسر هوندو، ۽ هن ايڪٽ جي گنجاشن، چانسيلر جي هدايتن، گورننگ باڊي جي فيصلي ۽ انهن طرفان منظور ڪيل حڪمت عملين ۽ پروگرامن تي تي بهتر طريقي عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميوار هوندو.

(4) وائيس چانسيلر هنگامي صورتحال ۾، جنهن ۾ سندس خليال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيڪو اهو ضروري سمجهي، ان ڪانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، پنهنجي اهڙي قدم بابت اهڙي عملدار، اٿارٽي يا ٻي باڊي کي آگاهہ ڪندو، جنهن کي عام صورتحال ۾ ان سلسلي ۾ ان معاملي کي منهن ڏيڻو هيو.

(5) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد کانسواءِ، وائيس چانسيلر کي هيٺيان اختيار پڻ حاصل هوندا:

a. يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرز ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

b. پيپرز ۽ نتيجن جوڙڻ جي چنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

c. يونيورسٽي يچ استادن ۽ عمدلارن کي پڙهائي، تحقيق، امتحان ۽ انتظاميا جي حوالي سان اهڙيون ٻيون سرگرميون ڪرڻ لاءِ اهڙا قدم کڻڻ جي هدايت ڪرڻ، جيئن اهو مناسب

سمجهي؛

d. اهڙين شرطن موجب هن ايڪٽ تحت يونيورسٽي جي ڪنهن بہ عملدار يا ملازم کي پنهنجا ڪي بہ اختيار منتقل ڪرڻ، جيڪڏهن ڪا هجي، جيئن بيان ڪيو يوو هجي؛

e. اهڙين ڪيٽيگريز جي سلسلي ۾ ملازم مقرر ڪرڻ، جنهن لاءِ ڪيس اختيار منتقل ڪيا ويا آهن؛

f. اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اختيار استعمال ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

g. منظور ٿيل بجيٽ مان سمورو خرچ جاري ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳئي ميجر هيڊ مان فنڊس کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ؛

h. بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايل آئٽم جي سلسلي ۾ ٻيهر ترتيب 0ڏنل رقم جي منظوري ڏيڻ، جيڪا پنجويهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي ۽ ان جي باري ۾ گورننگ باڊي جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڏيڻ؛

ڊينس
Deans

13. (1) هر فيڪلٽي لاءِ ڊين چانسيلر طرفان فيڪلٽي جي سينئر پروفيسرز منجهان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو.

(2) ڊين فيڪلٽي جو چيئرمين هوندو ۽ وائيس چانسيلر جي خوشيءَ سان عهدو رکندو.

(3) ڊين پوسٽ گريجوئيٽ ڊگرين، فيڪلٽي ۾ پڙهائي ويندڙ ڪورس لاءِ اميدوار داخلا لاءِ پيش ڪندو.

(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

رجسٽرار
The Registrar

14. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ گورننگ باڊي طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر

ڪيو ويندو، جيئن گورننگ باڊي طئي ڪري ۽ چانسيلر جي خوشيءَ سان عهدو رکندو.
(2) رجسٽرار وائيس چانسيلر کي سڌيءَ ريت رپورٽ ڪندو ۽ ان جي ذميوارين نڀائڻ ۾ مدد ڪندو.

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

15.(1) امتحانن جو ڪنٽرولر ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ گورننگ باڊي طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن گورننگ باڊي طئي ڪري ۽ چانسيلر کي خوشيءَ سان عهدو رکندو.
(2) ڪنٽرولر امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميوار هوندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڊائريڪٽر فنانس
Director Finance

16. (1) ڊائريڪٽر فنانس چيئرمين طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهو طئي ڪري.
(2)ڊائريڪٽر فنانس هيٺيان ڪم ڪري سگهندو:
(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري جو انتظام ڪندو؛
(b) يونيورسٽي جا ساليانا ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي منظوري لاءِ گورننگ باڊي آڏو پيش ڪندو؛
(c) اها خاطري ڪندو تہ ينويورسٽي جا فنڊس ساڳئي مقصد لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ اهي ڏنا ويا آهن؛ ۽
(d) اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيائن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب ـ IV

## اختياريون

يونيورسٽي جون اختياريون
Authorities of the University

17. يونيورسٽيءَ جون هيٺيون اختياريون هونديون:
(i) گورننگ باڊي؛
(ii) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛
(iii) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛
(iv) سليڪشن بورڊ؛
(v) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي؛
(vi) الحاق ڪميٽي؛ ۽
(vii) اهڙيون ٻيون اختياريون جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

گورننگ باڊي
The Governing Body

18.(1) گورننگ باڊي هيٺين تي مشتمل هوندي:

| | |
|---|---|
| (a) چانسيلر | چيئرمين |
| (b) وائيس چانسيلر | ميمبر |
| (c) سيڪريٽري صحت، حڪومت سنڌ | ميمبر |
| (d) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج | ميمبر |
| (e) پي ايم ڊي سي جو صدر ۽ سيڪريٽري | ميمبر |
| (f) وائيس چانسيلر، ڪرچي يونيورسٽي | ميمبر |
| (g) گورنر جو صلاحڪار | ميمبر |
| (h) چانسيلر طرفان ٻه ڊينس نامزد ڪيا ويندا | ميمبر |
| (i)يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو چيئرمين | ميمبر |
| (j)عوامي شهرت رکندڙ 6 ماڻهو | ميمبر |

| | |
|---|---|
| چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا | |
| (k) صدر، چيمبر آف انڊسٽريز اينڊ ڪامرس | ميمبر |

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو ۽ ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو، جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا گورننگ باڊي جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ جي غير حاضر رهي ٿو يا بنا موڪل جي غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي ڪيس نامزد ڪندڙ اختياري طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

(4) ميمبر جي عارضي آسامي اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل شخص سان پري ويندي، جنهن ان ميمبر کي نامزد ڪيو هيو، جنهن جي جاءِ تي آسامي پري وئي آهي.

(5) رجسٽرار گورننگ باڊي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

گورننگ باڊي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Governing Body

19. (1) يونيورسٽي جي عام نظرداري ۽ ضابطو ۽ حڪمت عمليون جوڙڻ جو اختيار گورننگ باڊي وٽ هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، گورننگ باڊي هيٺيان اختيار استعمال ڪندي ۽ ڪم سرانجام ڏيندي:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس، اثاثا ۽ وسيلا رکڻ، ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) ادارن ۽ اسپتالن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛

(c) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي مشوري تي سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽

**گائيڊلائينس يا مالياتي معاملن سان منهن ڏيڻ لاءِ ڪاروهنوار جا قاعدا جوڙڻ؛**

**(d) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪن جي منظوري ڏيڻ، جاري رکڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛**

**(e) يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمن کان آگاهه ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛**

**(f) يونيورسٽي جي عام مهر جي تحويل ۽ استعمال و طريقو طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛**

**(g) پروفيشنل ريسرچ، انتظامي عهدا ۽ اهڙا ٻيا عهدا پيدا ڪرڻ جيڪي يونيورسٽي جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ ضروري هجن ۽ اهڙا عهدا معطل يا ختم ڪرڻ؛**

**(h) سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي استاد، محقق ۽ عملدار مقرر ڪرڻ؛**

**(i) يونيورسٽي جي استادن، محققن ۽ عملدارن کي، جن کي وٽس مقرر ڪرڻ جو اختيار آهي، جاچ پڙتال ۽ دفاع ڪانپوءِ بيان ڪيل طريقي يا معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن موجب معطل ڪرڻ ۽ نوڪري مان برطرف ڪرڻ؛**

**(j) واسطيدار باڊي جي سفارشن تي ضابطن يا قاعدن جي منظوري ڏيڻ؛**

**(k) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي طئي ڪرڻ، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان ڪانپوءِ، سمورا ضروري اختيار استعمال ڪرڻ، جيڪي خاص طور تي هن ايڪٽ يا قانونن، ضابطن يا قاعدن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.**

**(2) گورننگ باڊي پنهنجا ڪي بہ اختيار اٿارٽي يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿي.**

| | |
|---|---|
| 20. (1) گورننگ باڊي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀيرا گڏجاڻي ڪندي، جنهن جون تاريخون چيئرمين طرفان طئي ڪيون وينديون: بشرطيڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن به وقت چيئرمين جي هدايت تي يا گورننگ باڊي جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي ٽن ميمبرن کان گهٽ نه هجن، ڪنهن به هنگامي نوعيت جي معاملي تي ڪوٺائي سگهجي ٿي. | گورننگ باڊي جي گڏجاڻي<br>Meeting of the Governing Body |
| (2) ميمبرن کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڏينهن جي ڪم وارن ڏينهن جو خاص گڏجاڻيءَ جو نوٽيس ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا خاص گڏجاڻيءَ جي مقصد لاءِ ڳجهي رکي ويندي. | |
| (3) گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ ٽي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي. | |
| (4) گڏجاڻي جا فيصلا موجود ميمبرن جي ووٽنگ جي اڪثريتي بنيادن تي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر برابر ورهائجي وڃن ته چيئرمين کي هڪ ووٽ وجهڻ لاءِ حاصل هوندو. | |
| 21. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل هيٺين تي مشتمل هوندي:<br>(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو<br>(b) ڊينس؛<br>(c) ڊائريڪٽر؛<br>(d) منظور ٿيل ادارن/اسپتالن ۾ پروفيسرز؛<br>(e) رجسٽرار؛<br>(f) امتحانن جو ڪنٽرولر؛<br>(g) چانسيلر طرفان نامزد ڪيل ٻه ناميارا فزيشنز پر اهي ڪنهن يونيورسٽي ۾ ڪم نه ڪندا هجن؛ ۽ | اڪيڊمڪ ڪائونسل<br>Academic Council |

(h) تدريسي شعبي جو سربراھ.

(2) نامزد ٿيل ميمبر ٻن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندو ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ٿيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ حاضر رهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا بنا موڪل جي غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

(4) ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي هڪ پاڱي ٽي برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council

22. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ اڪيڊمڪ باڊي هوندي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي هدايت، تحقيق ۽ امتحانن جا خاص معيار جوڙڻ ۽ يونيورسٽي جي تعليمي زندگي کي هلائڻ ۽ هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) گورننگ باڊي کي تعليمي معاملن تي مشورو ڏيڻ؛

(b) شاگردن جي پڙهائي جي ڪورس ۽ امتحانن ۾ داخلا جو انتظام ڪرڻ؛

(c) گورننگ باڊي کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازيءَ لاءِ اسڪيمون تجويز ڪرڻ؛

(d) يونيورسٽي ۾ تدريس ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقيءَ لاءِ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ تجويزون جوڙڻ؛

(e) فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پي ايم ڊي سي جي پاليسي موجب سمورين يونيورسٽي جي امتحانن لاءِ ڪورس آف اسٽڊيز ۽ سيلابس بيان ڪيو ويجي.

(f) ٻين يونيورسٽيز يا امتحان وٺندڙ باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي لاڳاپيل امتحانن جي برابر درجو ڏيڻ؛

(g) گورننگ باڊي کي جمع ڪرائڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(h) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(i) پي ايم ڊي سي جي هٽ هيٺ هلندڙ رجسٽرڊ ادارن جي سمورين تعليمي گڏجاڻين لاءِ گائيڊ لائينس مهيا ڪرڻ؛ ۽

(j) گورننگ باڊي کي ادارن جي الحاق ختم ڪرڻ جي سفارش ڪرڻ، جيڪي ان جي تعليمي پروگرام/داخلا جي طريقيڪار/امتحانن منعقد ڪرڻ واري پاليسي تي عمل نہ ڪن.

**اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ**
**Board of Advanced Studies and Research**

23. اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ڊينس؛

(c) ٽي يونيورسٽي پروفيسرز، سواءِ ڊينز جي، گورننگ باڊي طرفان مقرر ڪيا ويندا؛

(d) بهترين تحقيق جي قابليت ۽ تجربو رکندڙ ٽي يونيورسٽي جا استاد، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد

ڪيا ويندا؛ ۽
(e) پروفيسرز اميريٽس.
(2) اعليٰ تعليم ۽ تحقيقي بورڊ جي ميمبرن جي آفيس جو مدو، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي، ٽي سال هوندو.
(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيقي بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.
(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيقي بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(a) يونيورسٽي جي اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جي ترقي سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اختيارين کي مشورو ڏيڻ؛
(b) تحقيقي ڊگريون ڏيڻ جي سلسلي ۾ ضابطا تجويز ڪرڻ؛
(c) پي ايچ ڊي مضمون ۾ انهن جي ٿيسز جو مضمون طئي ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪندڙ شاگردن لاءِ سپروائيزرس مقرر ڪرڻ؛
(d) بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ پينلس يا پيپر سيٽرز ۽ تحقيقي امتحان لاءِ ممتحن جا نالا تجويز ڪرڻ؛ ۽
(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي بيان ڪيا ويا هجن.

سليڪشن بورڊ
The Selection Board

24. (1) سليڪشن بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:
(a) وائيس چانسيلر، جيڪو بورڊ جو چيئرمين هوندو.
(b) چانسيلر طرفان نامزد ڪيل ٻه ناميارا ماڻهو، بشرطيڪ انهن مان ڪو ٻه يونيورسٽي جو ملازم نه هجي؛
(c) ڊينس؛ ۽
(d) سيڪريٽري، پي ايم ڊي سي.
(2) سليڪشن بورڊ جا ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن

جي، ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(3) سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو بہ ميمبر جيڪو مقرري ٿيڻ واري عهدي لاءِ اميدوار آهي، اهو اهڙي ڪارروائيءَ ۾ حصو نہ وٺي سگهندو.

(5) سليڪشن بورڊ پروفيسرن ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرن، اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدن تي اميدوارن جي سفارش ڪرڻ ۾ پي ايم ڊي سي رولز سان رابطو ڪندو. جيڪو ڪو هجي.

**سليڪشن بورڊ جا ڪم**
**Functions of the Selection Board**

25. (1) سليڪشن بورڊ تيچنگ ٽائيٽلز لاءِ سمورين درخواستن تي غور ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي عملدارن جي تترقيءَ جا سمورا معاملا غور هيٺ آڻيندو.

(3) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ خالي عهدي تي شرطن ۽ ضابطن موجب ڪو اعليٰ قابليت رکندڙ شخص مقرر ڪرڻ لاءِ گورننگ باڊي کي تجويز ڪري سگهي ٿو.

(4) سليڪشن بورڊ ۽ گورننگ باڊي وچ جي راءِ ۾ اختلاف تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو. جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

**فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي**
**Finance and planning Committee**

26. (1) هڪ ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) چانسيلر جيڪو ڪميٽي جو چيئرمين هوندو؛

(b) وائيس چانسيلر؛

(c) گورننگ باڊي جو هڪ نامزد ڪيل؛

(d) ماليات ۽ منصوباندي جي ميدان ۾ ٿي ماهر جيڪي چيئرمين طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(e) چيئرمين طرفان نامزد ڪيل هڪ ڊين؛

(f) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري هوندو؛ ۽

(g) چيئرمين بئنڪنگ ڪائونسل.

(2) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a)ساليانې ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن جي اڪائونٽس جي ساليانې اسٽيٽمينٽس تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ گورننگ باڊي کي مشورو ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽيءَ جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛

(c) گورننگ باڊي کي منصوبابندي، ترقي، مالي سيڙپڪاري ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل معاملن تي مشورو ڏيڻ؛

(d) ننڍي مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ؛

(e) افرادي قوت ۽ ذريعا وڌائڻ جو منصوبو تيار ڪرڻ؛

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽن ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(4) ڪميٽي جي ميمبرن جي راءِ ۾ تضاد جي صورت ۾ چيئرمين جو فيصلو حتمي ۽ هر حالت ۾ عمل جوڳو هوندو.

الحاق ڪميٽي
Affiliation

27. (1) هڪ الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

Committee

(a) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) گورننگ باڊي طرفان نامزد ڪيل گورننگ باڊي جا ٻه ميمبر؛

(c) چانسيلر طرفان نامزد ڪيل ٻه ڊينس؛ ۽

(d) سيڪريٽري، پي ايم ڊي سي.

(2) ڪميٽي جي ميمبرن جي عهدي جو مدو، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي، ٻه سال هوندو.

(3) ڪميٽي ماهر رکي سگهي ٿي.

(4) ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ يا ڪميٽي طرفان جاچ جو ڪورم ٽن ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(5) يونيورسٽي جو رجسٽرار ڪميٽي جي سيڪريٽري طور عمل ڪندو.

**ٻي ڪميٽي جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار**
Constitution functions and powers of other Committee

28. اختيارين جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيارن جن جي لاءِ ڪا خاص گنجائش ناهي يا هن ايڪٽ ۾ اڻپوري گنجائش جوڙي وئي آهي ته اها اهريءَ ريت هوندي، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**اسٽينڊنگ ڪميٽي وغيره جي مقرري**
Appointment of Standing Committee etc

29. گورننگ باڊي، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ٻيون اختياريون چانسيلر جي منظوري سان اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيون مقرر ڪري سگهن ٿا، جيڪي اهي پنهنجا ڪم بهتر نموني سرانجام ڏيڻ لاءِ فائديمند سمجهن.

## باب – V

## قانون، ضابطا ۽ قاعدا

قانون Statutes

30. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب سمورن يا هيٺين مان ڪن به معاملن کي هلائڻ يا بيان ڪرڻ لاءِ قانون جوڙيا ويندا، يعني:

(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي خدمت جا شرطنو ۽ ضابطا، بشمول ادائگي جي اسڪيلز، پينشن جي ادائگي، انشورنس، گريچوئٽي، پرووڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فائدن جي؛

(b) ممتحن، استادن، محققن ۽ اهڙن ٻين عملدارن لاءِ شرطون ۽ ضابطا، في، معاوضو؛

(c) ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(d) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين پبلڪ يا پرائيويٽ تنظيمن سان هدايتن، تحقيق ۽ ٻين عالماڻين سرگرمين جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(e) پروفيسرز اميريٽس مقرر ڪرڻ جا شرط؛

(f) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(g) يونيورسٽي جي ملڪيتن ۽ سيڙپڪارين جي حاصلات ۽ انتظام؛ ۽

(h) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ تحت قانونن ۾ بيان ڪيا وڃڻا يا هلايا وڃڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ گورننگ باڊيءَ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ تجويز ڪيو ويندو.

(3) چانسيلر ڪيس جمع ڪرايل قانونن جي منظوري ڏئي سگهي ٿو يا انهن کي واپس گورننگ باڊي ڏانهن ٻيهر غور لاءِ اماڻي سگهي ٿو.

(4) ڪو به قانون ڪارگر نه هوندو، جيستائين ان جي

چانسيلر طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

ضابطا
Regulations

31. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، هيٺين سمورن يا انهن مان ڪنهن معاملي لاءِ ضابطا جوڙي سگهجن ٿا، يعني:

(a)تعليم ۽ تحقيق جون اسڪيمون، پي ايم ڊي سي رولز موجب بشمول ڪورسن جو عرصو امتحانن لاءِ مضمونن يا پيپرز جي انگ جي؛

(b) ڊگرين، ڊپلوماز ۽ ايم بي بي ايس، ايم ڊي، ايم ايس جي سرٽيفڪيٽن يا ڪنهن بي ڊگري يا ڊپلوما لاءِ پڙهائي ۽ تحقيق جي پروگرامن جو سيلابس ۽ ڪورس؛

(c) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ نظرداري، ممتحن جي مقرري، چنڊ ڇاڻ، ڳٽپ ۽ نتيجن جي پڌرائي؛

(d) مختلف ڪورسز ۽ امتحانن ۾ داخلا لاءِ فيس ۽ ٻيون ادائگيون طئي ڪرڻ؛

(e) شاگردن ۽ تحقيقي عالمن لاءِ فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊل، اعزازيہ ۽ ٻي مالي مدد ڏيڻ؛

(f) ڪانووڪيشن منعقد ڪرڻ ۽ تعليمي ڪپڙن جو نمونو. ۽

(g) ٻيا سمورا تعليمي معاملا جيڪي هن ايڪٽ يا قانونن موجب بيان ٿيڻا آهن يا ضابطن موجب بيان ڪيا وڃڻا آهن.

(2) گورننگ باڊي کي ان کي جمع ڪرايل ضابطن کي منظور ڪرڻ يا انهن کي ٻيهر غور لاءِ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن واپس اماڻڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(3) ڪو بہ ضابطو تيستائين ڪارگر نہ هوندو جيستائين ان جي گورننگ باڊي طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

32. (1) اٿارٽيز ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، قانونن ۽ ضابطن موجب گورننگ باڊي کي جمع رڪائڻ لاءِ قاعدا جوڙينديون، تہ جيئن گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ سان گڏ لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ پنهنجو ڪم ڪار هلائي سگهن.

قاعدا
Rules

(2) گورننگ باڊي يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي کي هلائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جيڪي هن ايڪٽ موجب قانونن يا ضابطن ۾ بيان ڪيا ويڻا هئا.

## باب ـVI

## يونيورسٽي فنڊ

33. (1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، چندن، گرانٽس، الحاق في، ڪورس في حصن ۽ ٻين وسيلن کان ملندڙ رقم جمع ڪئي ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس گورننگ باڊي طرفان منظور ڪيل بئنڪ ۾ رکيا ويندا.

فنڊس ۽ ان جا اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Funds and its Accounts and Audit

(2) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت رکيا ويندا جيئن گورننگ باڊي طرفان طئي ڪيو ويو هجي ۽ هر سال يونيورسٽي جو مالي سال ختم ٿيڻ کان ٽن مهينن اندر گورننگ باڊي طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان انهن جي آڊٽ ڪئي ويندي.

(3) اڪائونٽس، ان سلسلي ۾ آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ گورننگ باڊي کي غور ۽ منظوري لاءِ جمع ڪرايا ويندا.

(4) آڊيٽر جي رپورٽ ان ڳالهہ جي تصديق ڪندي تہ آڊيٽر انسٽيٽيوشن آف چارٽرڊ اڪائونٽس آف پاڪستان جي

آڊٽ سرٽيفڪيشن جي معيارن موجب جوڙي وئي آهي.

## باب ـVII

## متفرقات

**ڪارروائين جي توثيق**
**Validity of Proceedings**

34.ڪنهن بہ اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي يا ڪو فيصلو ڪنهن آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ڪنهن ميمبر جي مقرري يا نامزدگي سبب غير موثر نہ هوندو.

**پهريان قانون**
**First Statutes**

35. جيستائين ڪجھ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، شيڊول ۾ جوڙيل قانونن هن ايڪٽ تحت جوڙيل قانون سمجهيا ويندا ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم ڪئي وڃي يا هن ايڪٽ ذريعي جوڙيل نونن قانونن ذريعي تبديل نہ ڪيا وڃن.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

36. جيڪڏهن ڪنهن اٿارٽي جي پهرين جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ ۾ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ سان ڪا رنڊڪ پيش اچي تہ چانسيلر اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

**1994 جي سنڌ ايڪٽ XXIX جي منسوخي**
**Repeal of Sindh Act XXIX of 1994**

37. ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 1994 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

## شيڊول

## پهريان قانون

## (ڏسو دفعہ 35)

**فيڪلٽيز**
**Faculties**

1.(1)يونيورسٽيءَ ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

(a) بنيادي طبي سائنسز جي فيڪلٽي؛

(b) دوائن جي فيڪلٽي؛

(c) سرجري جي فيڪلٽي؛
(d) ڏندن جي سرجري جي فيڪلٽي؛
(e) نرسنگ جي فيڪلٽي، ۽
(f) اهڙيون ٻيون فيڪلٽيز جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيون ويون هجن.
(2) هر فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا شامل هوندا جهڙوڪ اسپتالون، تدريسي شعبا، مرڪز يا ٻيا پڙهائي ۽ تحقيق جا يونٽس جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف فيڪلٽيز
Board of Faculties

2. (1) هرفيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:
(a) ڊين؛
(b) هر تدريسي شعبي جا ٽي پروفيسر؛
(c) ٻه ميمبر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا.
(2) ذيلي دفعه (1) جي شقن (b) ۽ (c) ۾ بيان ڪيل ميمبر وائيس چانسيلر جي خوشيءَ سان ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا.
(3) بورڊ آف فيڪلٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.
(4) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي عام ضابطي موجب، هيٺيان اختيار حاصل هوندا:
(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن ۾ پڙهائي ۽ تحقيق ۾ تعاون ڪرڻ؛
(b) فيڪلٽي ۾ جوڙيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل وسيلن جي اسڪيمن ۽ سيلابس جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽

| | |
|---|---|
| | انهن کي پنهنجي خدشن سان اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛<br>(c) فيڪلٽي ۾ جوڙيل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ممتحن جي مقرري تي، سواءِ تحقيق ۽ ڊگري ممتحن جي، جيڪو وائيس چانسيلر هوندو؛ ۽<br>(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| تدريسي شعبو<br>Teaching Department | 3. (1) هر ضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو ۽ هر ڊپارٽمينٽ جي سربراهي ڊائريڪٽر ڪندو.<br>(2) شعبي جو ڊائريڪٽر چانسيلر طرفان شعبي جي سينئر استادن منجهان مقرر ڪيو ويندو.<br>(3) تدريسي شعبي جو ڊائريڪٽر هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب شعبي جي ڪمن جي منصوبابندي ڪندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو، جنهن فيڪلٽي ۾ سندس شعبو شامل آهي. |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**